عبدالوحيد ڪلوڙ

# شيخ اياز جي شاعريءَ تي مختلف سياسي ۽ نظرياتي تحريڪن جو اثر


***Abstract:***

**THE INFLUENCE OF VARIOUS POLITICAL AND IDEOLOGICAL MOVEMENTS ON SHEIKH AYAZ'S POETRY**

*In this study, the influence of various political, ideological and cultural movements on the poetry of Shaikh Ayaz have been investigated through content analysis method. Analytical results are presented in the context of those movements i.e: Struggle against Birtish rule in sub-continant, Chinese and Russian revolution, the communist movement, Sindhi national and literary movement, One unit movement, bazm-e-sufiya -e-Sindh, the Mystic movement in sub-continent and others.*

*The analytical results confirm that those movements or political and sociolinguistic situations profoundly influenced Shaikh Ayaz's poetry. We observed that his ideological and political poetry is more influenced by the aforementioned movements. Due to their influence, different changes occurred in his mental traits which remained the part of his mental and practical evolution i.e adopting progressive literary thoughts against conservativeness, to prefer Urdu poetry over Sindhi poetry for some time, having left Urdu returning to Sindhi poetry again, leaving Persian linguistic and technical styles and values in Sindhi poetry and adopting modern and classical styles, creating poetry with the emotions of nationalism, increasing and decreasing his natural poetic ability temporarily, and using his poetry for political purposes and then considering the same to be wrong.*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**تعارف** (Introduction):

شيخ اياز (١٩٢٣ع -١٩٩٧ع) جي گهڻ پاسائين شخصيت جا مختلف حوالا آهن: شعروادب، فلسفو، وڪالت، مُنتظمي ۽ سياست وغيره. سنڌس ادبي حوالي ۾ سنڌي ۽ اردو شاعري، افسانہ نگاري، خطوط نويسي، خود نوشت نويسي ۽ ترجمي نگاري





وغيره شامل آهن. سنڌس چوند سنڌي شاعري انگريزي، اردو ۽ پنجابي ٻولين ۾ ترجمو پڻ ٿي چڪي آهي. سنڌي ادب ۾ هن جي شعري فڪر ۽ فن تي مختلف اثرن جي حوالي کان محققن ۽ نقادن پاران مختلف راين جو اظهار ٿيندو رهيو آهي. ان حوالي کان مٿس مختلف نظرياتي، سياسي ۽ ثقافتي تحريڪن جو اثر بہ اٽڪر آهي. هن مقالي ۾ اها جانچ ڪئي وئي آهي تہ مٿس ڪهڙين تحريڪن جو ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر رهيو.

**طريقيڪار** (Methodology):

هن مقالي ۾ مذڪوره جانچ جي لاءِ موادي تجزيئي (Content analysis) جو طريقو اختيار ڪندي، شيخ اياز جي شعري توڙي نثري مجموعن ۽ ڪجهه ٻين نقادن ۽ محققن جي تحريرن ۽ ڪتابن کي مطالعي هيٺ آڻي، انهن مان معلوماتي مواد گڏ ڪيو ويو آهي. بعد ۾ گڏ ڪيل ڏيٽا جو خاصيتي طرح (Qualitatively)تجزيو ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

**تجزياتي بحث** (Analytical Discussion):

- **پاڪستان ۽ انڊيا جو قيام ۽ شيخ اياز جي شاعري:**

پاڪستان ۽ انڊيا جي قيام پذير ٿيڻ جي وڏي واقعي ڪيترن ٻين واقعن ۽ سانحن کي جنم ڏنو جنهن سان خاص طور سنڌ جو سڄو معاشرو ڏُڏي ويو. تمام وڏي گهڻ رُخي تبديلي برپا ٿي. علمي ۽ ادبي لحاظ کان هڪ اندازي موجب برطانوي دور ۾ سنڌي علم وادب تي لکيل نوي سيڪڙو ڪتاب هندو سنڌي اديبن جا تخليق ٿيل هئا. انهن جي لڏي وڃڻ سان هڪ تہ وڏن شهرن ۾ سنڌي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارن جي کوٽ ٿي پئي، ٻيو تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادڪارن جي آباديءَ ۾ واڌاري سان شهرن ۾ سنڌيءَ جي جاءِ تي اردو تعليم جي اهميت وڌي وئي. ابتداء ۾ تعليم سان گڏ ادب ۾ بہ ايتري کوٽ ٿي پئي جو، شيخ اياز سميت، رهيل ٿورا مسلمان اديب ۽ شاعر اردوءَ ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- **شيخ اياز ۽ سندس اردو شاعري:**

پاڪستان جي قيام جي نتيجي ۾ شيخ اياز تي جيڪو پهريون اثر ٿيو، تنهن هن جي لساني لاڙي کي تبديل ڪري ڇڏيو. هن جا ادبي ساٿي اڪثر ڪري هندو سنڌي هئا، جن مان اڪثر ان واقعي کان پوءِ سنڌ ڇڏي هند هليا ويا. نتيجي ۾ ادبي جمود پيدا ٿي پيو، جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ شيخ اياز سميت اڪثر مسلم سنڌي اديبن، هندو اديبن جي جاءِ تي نَوَن آيل مهاجر اديبن سان ميل ميلاپ شروع ڪري اردو شعر و ادب ڏانهن لاڙو ڪيو.

جڏهن مهاجر ڪراچيءَ ۾ سيلاب وانگر آيا ۽ اندرين سنڌ ۾ پهتا تڏهن مون اردو شاعريءَ جي حوالي کان انهن ۾ پنهنجا هم سُخن ڳولي لڌا. مون کي اردو زبان ۽ ثقافت سان ايتري تہ اُنسيت هئي، جو ڪنهن مهاجر شاعر ۽ اديب کي بہ ورلي هئي. مهاجر اديبن، اشرف، ساحل، گرامي ۽ ٻين سان صحبت ۾ اردو شاعري مون تي مينهن وانگر آئي.(اياز، ۱۹۹۸ع، ص: ۰۴)

ائين مذڪوره سماجي تبديليءَ وقتي طور سندس لاڙو اردوءَ ڏانهن لاڙي ڇڏيو، جنهن ڪري هن (۱۹۴۸ع کان ۱۹۵۵ع ذاري) اردو شاعري ڪئي. ياد رهي تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هن ڪڏهن بہ اردوءَ ۾ شاعري ڪانہ ڪئي هئي.

- **اردو شاعري ڇڏي سنڌي شاعري ڪرڻ:**

شيخ اياز جو سنڌيءَ بجاءِ اردوءَ ۾ شاعري ڪرڻ بہ سنڌ جي بدلجندڙ سياسي ۽ سماجي_لسانياتي حالتن ڪارڻ هو تہ وري اردو شاعري ڇڏي سنڌي شاعري ڪرڻ پٺيان بہ ساڳيو سبب ڪارفرما هو. يعني، سياسي سماجي حالتن جو بدلاءُ. ۱۹۵۵ع ۾ هو سنڌي شاعريءَ ڏي واپس وريو. جيتوڻيڪ بعد ۾ ڪجهہ عرصو (۱۹۷۴ع – ۱۹۷۷ع) ٻيهر اردو شاعري ڪيائين پر آخرڪار پنهنجي شاعريءَ کي مادري ٻوليءَ ۾ ئي پايہ تڪميل تي پهچائڻ جو قائل ٿي ويو.

ڪجهہ وقت اڳ مان اردوءَ کي پنهنجي خيالات جو ذريعہ اظهار ان ڪري بڻايو، جو مون سمجهيو تہ اردو سنڌيءَ کان وڏيڪ وسعت رکي ٿي ۽ منهنجي خيالات جي پيچيدگي ۽ گهرائي ان ۾ چڱي طرح سمائجي سگهندي پر گذشتہ وئڪيشن ۾ مان بہ سئو ڪن بيت لکيا آهن سنڌيءَ ۾، جن مان مون کي يقين ٿي چڪو آهي تہ جيڪي مان





پنهنجي مادري زبان ۾ لکي سگهان ٿو، سو ڪڏهن بہ ٻي ڪنهن زبان ۾ نہ لکي سگهندس. ڪيتري ڀُلڻ ڀٽڪڻ بعد مان سنڌيءَ ۾ پنهنجي لاءِ بهترين ذريعۂ اظهار ڳولي ڪڍيو آهي.(۲۰۰۲ع، ص:۰۵)

جيڪي سنڌيءَ ۾ ، سو ٻي ٻوليءَ ۾ ڪٿي؟

اردو، هنديءَ ۾ ، تون آهين ڇڻ اوپرو !

(۱۹۸۹ع، ص:۸۲)

ٻئي پاسي سندس شاعريءَ جي هن تجزيئي مان پڌرو ٿيو آهي، تہ مادري زبان ڏانهن موٽي بہ مٿس اردوءَ جو اثر نہ ويو، هُن سندس سنڌي شاعريءَ ۾ اردو لفظن جو استعمال ۽ اردو اندازِ تحرير جاري رکيو. اهڙيءَ طرح مٿس تنهن وقت جي مقامي سماجي-لسانياتي حالتن جو اثر نہ رڳو خيالات پر لساني حوالي کان بہ ٿيو.

- **ترقي پسند تحريڪ ۽ شيخ اياز:**

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ شيخ اياز جي جوانيءَ وقت جڏهن سنڌ ۾ فارسي زده سنڌي شاعريءَ جو رواج هو، تڏهن مغربي ادب ۽ اردو ترقي پسند تحريڪ کان متاثر ڪجهہ نوجوان اديبن سنڌي ادب ۾ بہ جديديت جو لاڙو اختيار ڪيو. جديديت واري لاڙي کي پراڻن فارسي پسند سنڌي اديبن پاران رد ڏيڻ جي نتيجي ۾ اديب ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڇتاپيٽيءَ دوران هڪ ٻئي جي مخالفت ۽ پنهنجي پنهنجي حمايت ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو. ٻنهي جي اختلافن ۾ مرڪزي حيثيت شيخ اياز ۽ سندس شاعريءَ جي رهي. ڪيس ورهاڱي کان اڳ سنڌي ادبي سنگت جو پهريون جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو هو. ترقي پسند تحريڪ جي ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ۽ ڪانفرنسن ۾ تقريرون ڪرڻ سندس معمول هو. قدامت پسندن پاران مٿس وڏي پيماني تي تنقيد ڪئي وئي. دهريو، ڪميونسٽ، عُرياني پسند ۽ اهڙا ٻيا الزام مٿس مڙهيا ويا. هن جي دفاع ۾ رسول بخش پليجي (۱۹۷٦ع) ۽ مولانا گرامي (۱۹۹۲ع) جي لکڻين کي ساراهيو ويو . حمايت توڙي مخالفت ۾ هرپاسي اياز اياز پئي ٿي. اهڙي وٺ وٺان جو نفسياتي ۽ لساني اثر مٿس لازمي ٿيڻو هو. ردعمل ۾ اياز چيو، ”مون پاڻ تي تنقيد کي ٻي فلڪائيءَ سان ڏٺو ۽ اها منهنجي شاعريءَ لاءِ وڏو اتساهہ ثابت ٿي.“(۱۹۹۸ع، ص:۹۳)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- **پيورِسٽ مووومينٽ:**

سنڌي ادب ۾ تنهن وقت جي قدامت ۽ جدت پسند لاڙن جو نظرياتي موقف کان قطع نظر رڳو لساني رجحانن جي حوالي کان جائزو وٺجي، ته جيئن اڳ چيو ويو ته هڪڙا (قدامت پسند) فارسي ۽ عربيءَ جي لساني عنصرن کي درست صورت ۾ قائم رکڻ جا قائل هئا ۽ ٻيا (ترقي پسند) وري قومپرستيءَ جي اثر هيٺ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ حد تائين انهن ٻيروني عنصرن کان پاڪ بنائڻ گهرن پيا . تنهن وقت جي ادبي گهماگهميءَ جو هڪ اهم ڪردار رشيد ڀٽي لکي ٿو: ”سنڌي زبان کي پاڪ ڪرڻ، خالص ۽ چيدو ڪرڻ جي مهم جي شروعات به انهن (اياز ۽ ٻين ساٿي اديبن) ڪئي. نه ته هن کان اڳ رجعت پرست مذهبي جنون جي اثر هيٺ رهندڙ سنڌي زبان کي مشرف به اسلام (فارسي، عربي لفظن ۽ گرامر جي ملاوٽ ۽ هندي، سنسڪرت لفظن جي پرمار) ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ببيٺا هئا.“(جامي، مرتب، ١٩٩٨ع، ص: ٣٢)

شيخ اياز کي قدامت پسند سنڌي اديبن سان گڏ، اردوءَ وارن به رد ڏنو ٿي. هُن (١٩٩٨ع) جي بقول، ”ڪيانيءَ (سکر جي هڪ ڪتاب گهر جي مالڪ) کي اها شڪايت هئي ته هن سنڌي ۽ اُن اردو شاعريءَ ۾ پيورسٽ مووومينٽ شروع ڪئي آهي ۽ ان ۾ فارسي ۽ اردوءَ جا لفظ آڻڻ بدران هنديءَ جا لفظ ڪم آڻي ٿو.“(ص: ١٠٠)

- **ڪميونسٽ تحريڪ ۽ شيخ اياز:**

شيخ اياز هڪ مرحلي تي ڪميونزم ۽ ان جي ترقي پسند ادب کان گهڻو متاثر هو. ڪيس مارڪسوادي سڏيو ويو. هن جي بقول: ”جڏهن جدلياتي ماديت ۾ اعتبار هو، تڏهن مان اشتراڪي حلقي جو همسفر هوس.“(١٩٩٦ع، ص:٩٠)

بعد ۾ وري هو اشتراڪيت کان منهن موڙي ويو. ڪميونسٽ ليڊرن کي ڳالهائڻ تان پليجو صاحب، احمد سليم ۽ ٻيا ڪاٻي ڌر وارا سندس مخالف ٿي پيا ها. ابراهيم جوئي ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ هو اظهاري ٿو،

”ادا مان اشتراڪي نه آهيان، جيتوڻيڪ اڃا تائين مون کي اشتراڪيت جو تسلي بخش نعم البدل ڪنهن به فلسفي ۾ نه مليو آهي.“(٢٠٠٨ع، ص:٧١-٧٢)





ايئن هو پاڻ کي کٽي اشتراڪي حلقي جو همسفر مڃي ٿو، کٽي اشتراڪي هئڻ کان انڪاري آهي ، کٽي اشتراڪيت تي تنقيد ڪري ٿو، ته کٽي وري ڪميونزم ۽ اشتراڪي فلسفي جي ناڪاميءَ تي پنهنجي ان فلسفي سان لاڳاپي تي پڇتاءَ جو اظهار ڪري ٿو.

توهان چئو ٿا ته مان  
روس جي خلاف لکي  
دشمن جا هٿ مضبوط ٿو ڪريان!  
دشمن؟ ڪهڙو دشمن؟  
هاڻي ته گهڻو ڪري ساري اشتراڪي دنيا،  
چين ۽ روس سوڌي،  
وچي آمريڪا  
جي پيرن ۾ ڪري آهي،  
مان ڪهڙي دشمن جا هٿ مضبوط ٿو ڪريان؟  
ڇا اوهان اهو محسوس نه ٿا ڪريو  
ته مان انهن جو همسفر هوس،  
۽ هو منهنجي زندگيءَ جا پنجاهه سال  
اجائي سفر ۾ وڃائي ويا!(١٩٩٤ع، ص:٥٢-٥٣)

مارڪسزم تي اهڙي تنقيد ۽ ڪميونسٽ اڳواڻن کي اهڙي نموني ڳالهائڻ تي سندس پراڻا ساٿي ڪيئن نه ڪاوڙجن ها !

قاتل ! قاتل ! قاتل !  
پوءِ تيمورلنگ آهين يا مائوزيتنگ، مان تنهنجي پيءُ کي به سڃاڻان، تون مون کي نڳي نه ٿو سگهين.(١٩٩٣ع، ص:١٢١)  
لينن به اسٽالن وانگر خوني هو  
ٻنهي ۾ فرق اهو هو ته  
اسٽالن پنهنجا ڪيل خون لڪائيندو هو  
۽ لينن ظاهر ظهور ڪندو هو.(١٩٩٦ع، ص:١٧٢)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۽ شيخ اياز:

١٤ آڪٽوبر ١٩٥٤ع تي، تنهن وقت مغربي پاڪستان سڏجندڙ ، موجوده پاڪستان جي سمورن صوبن کي هڪ انتظامي يونٽ ۾ هڪ ئي وحدت طور مدغم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. سنڌ جي ماڻهن قومي، ثقافتي ، سياسي ۽ معاشي بنيادن تي ان جي سخت مخالفت ڪئي. ان قدم جي ڪري هڪ تہ سنڌين ۽ سنڌ جي ڌار صوبائي ۽ قومي سڃاڻپ ختم ٿي وئي هئي، ٻيو سنڌ ۾ غيرسنڌين جي آمد ۾ تيزي آئي، ٽيون سنڌ جو معاشي استحصال ٿيو ۽ چوٿون اهو سنڌي ٻوليءَ لاءِ بہ نقصانڪار ثابت ٿيو. ون يونٽ جي قيام ۽ ٻين سنڌ مخالف قدمن ۽ زيادتين جي ردِعمل ۾ سنڌي قومپرستيءَ جي اُڀار ۽ ون يونٽ خلاف سنڌي ماڻهن جي جدوجهد هڪ الڳ داستان آهي، بهرحال ٢٨ نومبر ١٩٦٩ع تي نيٺ ون يونٽ ٽٽو ۽ ١٩٧٠ع ۾ سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال ٿي.

هڪ حساس شخص ۽ شاعر جي حيثيت ۾ شيخ اياز ظاهر آهي تہ مذڪوره حالتن کان متاثر ٿيڻ کان رهي نہ ٿي سگهيو. هو پنهنجي هم خيال سنڌي اديبن سان گڏ ترقي پسند سوچ لاءِ ڪم جي شروعات پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي ڪري چڪو هو، ون يونٽ کان پوءِ قومي تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ لڳو. هن جي پنهنجي بقول: ”ون يونٽ خلاف تحريڪ هلائيندي مون پنهنجي شاعريءَ کي سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪيو هو.“(١٩٩٣ع، ص:٢١)

تنهن وقت سنڌ جي قومي تحريڪ جي روح روان سائين جي ايم سيد ۽ ان سان سنڌ جي ترقي پسند اديبن گڏجي ماحول منڊي وڌو هو. سائين جي ايم سيد کان سواءِ شيخ اياز، رسول بخش پليجي ۽ حيدر بخش جتوئيءَ جهڙين سحرانگيز شخصيتن سان شاگرد ۽ پڙهيو ڳڙهيو وچولو طبقو هر اول دستي طور گڏ رهيو. سياسي جلسا، ادبي ڪانفرنسون ۽ شاهہ لطيف جا ڏهاڙا ملهائڻ ۽ ٻيون ڪارگذاريون ڪيون ٿي ويون، جن ۾ سياستدانن ۽ اديبن جي تقريرن سان گڏ قومي شاعري پڙهي ويندي هئي. سياسي جلسن ۾ اياز پاران قومي شعر پڙهڻ وقت ماحول انتهائي جذباتي ٿي ويندو هو. سندس هڪ وائي ’سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو، سهندو ڪير ميار!‘ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. ١٩٦٥ع جي جنگ وقت سندس هڪ نظم، ’هي سنگرام سامهون آ ناراڻ شيام‘، کي ملڪ دشمني قرار ڏئي سندس ڪتابن تي پابندي مڙهي وئي ۽ ڪيس





گرفتار ڪيو ويو. سکر ۽ ساهيوال جيلن ۾ قيد ڪاٽيائين. جتي قيد دوران سياسي شخصيتن سان وقت گهارڻ ۽ مطالعي ڪرڻ ۾ مصروف رهيو.

ائين ون يونٽ قائم (١٩٥٤) ٿيڻ کان وٺي هن جي وائيس چانسلر بڻجڻ (١٩٧٦ع) کان اڳ تائين جي عرصي ۾ هن جو وقت ادبي ۽ سياسي گهماگهميءَ ۾ گذريو. اديبن، دانشورن ۽ سياستدانن جي صحبت، قيد، روپوشيون ۽ ٻين اهڙين سرگرمين جي ڪري ٻين ذهني لاڙن سان گڏ سندس ٻوليءَ ڏانهن رويو ۽ سوچ بہ لازمي طرح متاثر ٿيا ها.

- **جيئي سنڌ تحريڪ ۽ شيخ اياز:**

١٩٧٠ع بعد سائين جي ايم سيد جيئي سنڌ تحريڪ جو بنياد رکيو . شيخ اياز جو ان ۾ ڀرپور ونڊ مجموعي سنڌي قومي جدوجهد جي حوالي سان هو. هو جي ايم سيد جي صحبت ۾ ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيو.

هي جي پوڙهو جُهور، وڙهندي ٿيو ويڙهہ ۾،
اڃان ڏمري ڏاڍ تي، آڻ نہ مڃي مُور،
سوچي ڏسي ڏُور، آتڻ آرڻ ڏينهڙا.
(١٩٧٥ع، ص:٢٨١)

هن جي هڪ گيت، ’سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان، مٽي ماتي لايان‘، کي جيئي سنڌ تحريڪ پاران ’سنڌوديش جو قومي ترانو‘ قرار ڏنو ويو. پر بعد ۾ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کان وائس چانسلري وٺي، ان جي تعريف ڪرڻ تي جيئي سنڌ وارا، شيخ اياز جا مخالف ٿي پيا.

- **بزمِ صوفياءِ سنڌ ۽ شيخ اياز:**

ايوب خان جي مارشل لا دور ۾ جڏهن سياسي ڪارگذارين تي سختيون ڪيون ويون، تڏهن سائين جي ايم سيد نئين حڪمت عمليءَ طور ’بزم صوفيا‘ نالي سان هڪ نئين تنظيم پنهنجي صدارت هيٺ قائم ڪئي. اهو دراصل سنڌ جي مختلف مڪتبہءِ فڪر رکندڙ سياستدانن، قومپرست اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو اتحاد هو جنهن جو جنرل سيڪريٽري رسول بخش پليجو هو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن تنظيم جو مقصد ۽ متو ته هو سنڌ جي صوفين جي درگاهن تي ورسين وغيره جا ميڙاڪا ڪرڻ. پر اهڙن ميڙن ۽ ميلن تي، جن ڪي بزمِ صوفياءِ سنڌ ڪانفرنس سڏبو هو، اديبن ۽ سياسي مفڪرن اهو ڪجهه ڪيو، جو سياسي پليٽ فارم تان ٿين ادبي ثقافتي ميڙن ۾ ڪيو ويندو هو. اُها ئي ون يونٽ خلاف گونج، سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي، جشن روح رهاڻ، هوشوءَ جي ورسين، لطيف جي ڏينهن ۽ سنڌي شامن جيڪو حصو يا ڪردار ادا ڪيو، اوترو ئي بزمِ صوفياءِ جي ڪانفرنسن به ڪيو. (پٽي، مرتب: جامي، ۱۹۹۸ع، ص:۹۲)

بزمِ صوفياءِ سنڌ ۾ شيخ اياز پرپور بهرو ورتو. ڪانفرنسن ۾ هو پاڻ شعرَ پڙهي ماڻهن جا جزبا اڀاريندو هو. سندس اوپيرا، 'دودي سومري جو موت' ڏاڍو مقبول ٿيو.

- **شيخ اياز ۽ سندس سياسي شاعري:**

شيخ اياز جي شاعريءَ جو ڪافي حصو سياسي شاعريءَ تي مشتمل آهي. پر پڇاڙيءَ ۾ هو نج سياست ۽ شاعريءَ جي ميلاپ جو قائل نه رهيو. اهڙو اظهار هن مختلف جاين تي ڪيو آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو، "مان اهو به سوچي رهيو هوس ته ڇا سياست سان شاعريءَ جي وابستگي پيدا ڪري مون وقت ضايع ڪيو آهي؟ ڇا شاعر جو اهوڪم آهي ته هو ڪنهن شهر جا يا ديس جا نقشا ناهي؟" (۱۹۹۳ع، ص:۱٦)

هڪ ٻئي هنڌ هو پنهنجي هندستان ياترا دوران انڊين سنڌي اديب گُني سامتاڻيءَ سان ٿيل ڪچهريءَ ۾ سندس سياسي شاعريءَ جي مستقبل يا بقاء جي باري ۾ اٿاريل سوال جي جواب ۾ لکي ٿو: "هڪ ڳالهه ته هن (گُني) اها ڪئي ته جڏهن هي دور گذري ويندو، تڏهن منهنجي سياسي شاعريءَ جي ڪهڙي اهميت رهندي! جنهن تي مون هن کي چيو ته منهنجي ڪيتري شاعري سياسي نه آهي ۽ اها ته صاف بچي ويندي ؛ سياسي شاعريءَ جي باري ۾ مون کي اهو چوڻو آهي ته هر فن جيڪو سياست سان واڳيل آهي، اهو هرو ڀرو امرتا کان وانجهي نه آهي... آخر مايا ڪوفسڪي، ايوتو شينڪو، وو-زنيسينسڪي، ناظم، حڪمت، فيض، پبلو نرودا ۽ دنيا جا ٻيا ڪيترائي شاعر ٽئگور ۽ اقبال تائين سياست سان واڳيل رهيا آهن. پر وقت گذرڻ سان ان ڪري هنن جي شاعريءَ جي اهميت ختم ته نه ٿي آهي." (ص:۱۹-۲۰)





سياسي شاعريءَ جي حق ۾ سندس دليل هڪ پاسي، پر ٻئي پاسي هو نيٺ ان خيال جو ٿي وڃي ٿو ته، "شاعر ڪي بحيثيت شاعر جي ڪنهن تحريڪ يا سياسي تنظيم سان پنهنجي شاعريءَ ڪي وابسته نه ڪرڻ گهرجي... شاعريءَ جي سياسي وابستگي انت شاعر لاءِ خودڪشي ثابت ٿئي ٿي." (۱۹۹٦ع، ص:۱۰-۱۱)

**تصوف جي فڪري تحريڪ ۽ شيخ اياز:**

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ فلسفياڻي ارتقا ملي ٿي. هن جو ڪو هڪ يا خاص نظريو نه آهي بلڪ هو مختلف وقتن تي مختلف نظرين ۽ خيالن جو قائل نظري ٿو ۽ پوءِ وري انهن کي رد به ڏئي ٿو . مختلف نقادن ۽ محققن به ڪيس نظرياتي لحاظ کان مختلف خيالن جو ڇاڻايو آهي. جهڙوڪ: مارڪسوادي ، وطن دوست ۽ قومپرست ، انسان دوست ، آزادي پسند ، جدت پسند ، يونيوَرسَلِسٽ، صوفي وغيره.

هن جو مطالعو نهايت وسيع هو. عالمي ادب ۽ دنيا جي مختلف فلسفن جي ڄاڻ هئس، جن مان هو گهڻو متاثر ٿيو. سندس شاعريءَ ڪي جيڪڏهن مجموعي نظر سان ڏسبو ته ان ۾ مٿين سيني فڪرن ۽ لاڙن جو عڪس نظر ايندو. مگر چانڊئي امير عليءَ جي بقول، هن جي پوين مجموعن ۾ سندس شاعري ، اڳئين شاعريءَ جي بنسبت هڪ الڳ فڪري ڏَسَ ۾ هلي ٿي، سا آهي شاعر جو صوفيانہ طرزِ احساس، جيڪو سندس تجربي ۽ عمر جي تقاضائن سان وڌندو ۽ گهرو ٿيندو ٿو وڃي. اياز جا اهي فڪري احساسَ مشرقي صوفي شاعرن جي ڳوڙهي مطالعي جو نتيجو ٿي سگهن ٿا. (جامي، مرتب: ۱۹۹۸ع، ص:۳۹۷)

هو جتي شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ کان متاثر آهي، اتي مٿس هندي شاعرن ڀڳت ڪبير، تلسي داس، پنجابي شاعرن باهو، فريد ۽ بُلا شاهه جو اثر به آهي.

يانيان تو پُلو آهي،

پنجاب نه تو ڄاڻي، باهو ڪ بُلو ڇاهي ! (۱۹۹۲ع، ص:۱۲۲)

**حاصل مطلب (Conclusion):**

هن اڀياس جي تجزياتي نتيجن مان جانچ لاءِ اڳ قائم ڪيل مفروضو (Hypothesis) درست ثابت ٿئي ٿو. يعني، شيخ اياز جي سوچ ۽ شاعريءَ جي پسمنظر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ ٻين پهلوئن سان گڏ مٿي ذڪر ڪيل مختلف نظرياتي، سياسي ۽ ثقافتي تحريڪون شامل آهن، جن جو مٿس گهرو اثر ٿيو. خاص ڪري هن جي نظرياتي ۽ سياسي شاعري اهڙي تحريڪن کان گهڻو متاثر ٿيل آهي.

ڏسڻ ۾ آيو ته اهڙي اثر سبب هن جي سوچ ۽ فڪري لاڙن ۾ مختلف تبديليون واقع ٿيون، جيڪي سندس ذهني، فڪري ۽ عملي ارتقاء جو حصو آهن. اهي تبديليون مکيه طور هي آهن؛ قدامت پسنديءَ جي برخلاف ترقي پسند سوچ ۽ لاڙا اختيار ڪرڻ، مادري زبان سنڌيءَ بجاءِ اردوءَ ۾ شاعري ڪرڻ، اردو شاعري ڇڏي ٻيهر سنڌي شاعري ڪرڻ، سنڌي ادب ۾ فارسي لساني ۽ فني روايتن کي ترڪ ڪري جديد انداز ۽ قديم ڪلاسيڪي اصلوب اختيار ڪرڻ، سندس شعري ذات ۾ غير معمولي اضافو يا انقلابي سگهه پيدا ٿيڻ، وطن دوستي ۽ قومپرستي جي جزبات سان شرسار شاعري تخليق ٿيڻ، شعري ذات يا آمد جو گهٽجڻ يا وقتي طور رُڪجي وڃڻ، اول سياست ۾ حصو وٺي شاعريءَ کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ بعد ۾ ان عمل کي درست نه سمجهڻ، صوفياڻي سوچ ۽ احساس جو قائل ٿي وڃڻ وغيره.

پاڪستان جي قيام کان وٺي ون يونٽ جي ٽٽڻ، اجان به پٺتو دورِ حڪومت تائين جو عرصو ملڪ جي مخصوص سياسي ۽ سماجي-لسانياتي حالتن جي ردِعمل ۾ سنڌي سياسي تحريڪن ۽ ادبي هلچل جي حوالي کان نهايت پُرآشوب رهيو، جنهن دوران سنڌي سماج مختلف پاسن کان گهڻو متاثر ٿيو. ان حوالي کان رشيد ڀٽيءَ درست لکيو آهي ته: ”اياز جي تحريرن ۽ تقريرن جو پسمنظر (به) اها هلچل ئي آهي، ۽ انهن حالتن جو ردعمل ئي انهن ۾ موجزن آهي.ٻئي هڪ ٻِئي تي اثر وجهندڙ ۽ عمل ڪندڙ آهن. جتي اياز سنڌ جي انهن حالتن ۽ هلچل کان متاثر ٿي شاعري ڪئي ۽ لکيو، ته موٽ ۾ سندس تحريرن ۽ شاعريءَ وري هلچل تي اثر وجهي ان کي اڳتي وڌايو، تيز ڪيو ۽ قوت بخشي.“(مرتب.جامي.ص.٨٤)

هن جي اردو شاعري پاڪستان ۽ هندستان جي قيام پذير ٿيڻ جي نتيجي ۾ آيل گهڻ رُخي تبديليءَ جي اثر هيٺ اردو ادب جي ترقي پسند تحريڪ کان متاثر آهي. ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ وري هن سنڌي شاعريءَ ۾ قديم فارسي اسلوب ۽ لاڙن کي رد ڏيئي نج سنڌي ڪلاسيڪي اسلوب ۽ نوان لاڙا متعارف ڪرايا.





پاڪستان ۽ هندستان جي قيام جي نتيجي ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ جيڪا وڏي سياسي ۽ سماجي_لسانياتي تبديلي واقع ٿي، تنهن جو گهرو اثر شيخ اياز تي به ٿيو. انهيءَ اثر ۾ هن پهريان سنڌي ڇڏي اردوءَ ۾ شاعري شروع ڪئي ۽ بعد جي سنڌي شاعريءَ ۾ به اردو-هندي آڏاريل لساني جُزن کي اپنايائين.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ جي پيدا ٿيل سنڌ مخالف سياسي ۽ سماجي حالتن جي ردِعمل ۾ جنم وٺندڙ سياسي، ثقافتي تحريڪن جهڙوڪ: ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ دوران جاري سنڌي قومي جدوجهد ۽ بزمِ صوفياءِ سنڌ ۽ سنڌي ادبي هلچل وغيره جي اثر هيٺ هن اردو شاعري ڇڏي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي ۽ ان ۾ سنڌي ڪلاسيڪي اصلوب ڏانهن موٽ ڪاڏائين. پاڻ سنڌي قومپرستي ۽ حب الوطنيءَ جي جذبن سان سرشار ٿيو ۽ اهڙن جذبن سان ڀرپور اعلي سنڌي شاعري تخليق ڪري سنڌي ماڻهن ۾ پڻ اهڙا جزبات پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين . اردو حلقي ۾ ڪيس سنڌي ۽ اڻ اردو شاعريءَ ۾ پيورِسٽ موومينٽ شروع ڪندڙ تصور ڪيو ويو.

انساني روين تي فطرتي لاڙن کان سواءِ سماجي يا معاشرتي حالتن جو گهرو اثر ناگزير هوندو آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ تي به سماجي حالتن جو اثر واضح طور پرکي سگهجي ٿو. اهو ادبي ۽ سياسي ماحول جو اثر ئي هو، جو سندس ابتدائي پنج شعري مجموعا مقابلتاً وڌيڪ بهتر مڃيا وڃن ٿا. جن جي پسمنظر ۾ خود شاعر جي زندگي ۽ سندس وطن (سنڌ) ۾ وڏي سياسي، ادبي ۽ سماجي اُٿل پٿل روان رهي. سندس چوٿين شعري مجموعي 'وڄون وسڻ آئيون' جنهن ۾ سنڌ جي قومي جدوجهد جي خاص ڇئن سالن (١٩٦٤ع کان ١٩٦٨ع) جي دور جو شعر آيل آهي، تنهن جو ڪلام وطن دوستي ۽ قومپرستي ۽ انقلاب ۽ مزاحمتي شاعريءَ سان ڀرپور آهي. اهو ان دور جي سياسي ۽ سماجي لسانياتي حالتن جي اثرن کي اظهاري ٿو. ٻئي پاسي ڏسجي ٿو ته سندس زندگيءَ ۾ سياسي ۽ ادبي ماحول جي ماٺار اچي وڃڻ واري عرصي، خاص ڪري وائس چانسلريءَ واري وقت (١٩٧٦ع-١٩٧٩ع)، ۾ سندس تخليقي سلسلو به ماٺ رهيو. اياز(١٩٩٣ع) پاڻ باسي ٿو، ته 'جڏهن هو وائس چانسلر هو، تڏهن هن کي ذات ڏنءُ ڏئي ويئي هئي.'

شيخ اياز جي نقادن ۽ محققن سندس شاعريءَ جي پسمنظر لاءِ مغرب ۽ مشرق



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جون ادبي، سياسيءَ نظرياتي تحريڪون، ثقافتي اظهار جا نوان طريقا، سائنسي ترقيءَ سبب رونما ٿيندڙ تبديليون ۽ قديم ۽ وجديد نظريا ڳٽايا آهن، جيڪي عالمي توڙي مقامي پيرائي ۾ اچي وڃن ٿا. سندس آتم ڪهاڻيءَ سان گڏ برِصغير ۽ پوري دنيا جي ڪهاڻي سندس شاعريءَ جو پسمنظر آهي. شيخ اياز (۱۹۹۱ع) جو پنهنجو چوڻ بہ آهي تہ:
” منهنجي شاعري ديس ۽ دنيا جي وڏن آدرشن ۽ واقعن کان نا آشنا نہ رهي آهي. ننڍي ڪنڊ جو ورهاڱو، ون يونٽ، پاڪستان ۾ ٽي مارشل لائون، ننڍي ڪنڊ ۾ ٽي جنگيون ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد، ويٽ نام جي جنگ، مائوءَ جي هاري پرولتاريت جو انقلاب ۽ ان کانپوءِ چين ۾ ثقافتي انقلاب،ٻي مهاڀاري لڙائي، روسي انقلاب کان پوءِ پولينڊ، هنگري ۽ چيڪوسلواڪيا ۾ روسي والار جي خلاف بغاوت، ايٿوپيا ۾ ڏڪار، نيوڪلائي تجربا وغيره. مان ڀانيان ٿو تہ منهنجي شاعريءَ ۾ قومي ۽ بين الاقوامي واقعات ڏانهن اشارا دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ شاعر کان گهٽ نہ آهن. “(ص:۱۸)

## حوالا


۱. پٺي رشيد احمد، مرتب: جامي، (۱۹۹۸ع)، ’شيخ اياز‘، ڪراچي. سنڌيڪا اڪيڊمي.

۲. پيلجو، رسول بخش، (۱۹۹٦ع)، ’انڌا اونڌا ويڄ‘، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر.

۳. چانڊيو.امير علي، مرتب.جامي، (۱۹۹۸ع)، ’شيخ اياز‘، ڪراچي. سنڌيڪا اڪيڊمي.

۴. شيخ اياز (۱۹۷۵ع)، ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن.

۵. شيخ اياز، (۱۹۸۹ع)، ’جُهڙ نيڻان نہ لهي‘، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن.

٦. شيخ اياز، (۱۹۹۱ع)، ’هينئڙو ڏاڙهونءَ گُلَ جئين‘، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن.

۷. شيخ اياز، (۱۹۹۲ع)، ’ننڊَ وليون‘، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن.

۸. شيخ اياز، (۱۹۹۳ع)، ’سورَجَ مُکيءَ سانجهہَ‘، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن.

۹. شيخ اياز، (۱۹۹۳ع)، ’ڇوليون ٻوليون سمنڊَ جون‘، حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن.

۱۰. شيخ اياز، (۱۹۹۳ع). ’جَرَ ڏيئا جِهمڪن‘، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن.

۱۱. شيخ اياز، (۱۹۹۴ع)، ’هرڻ اکي ڪيڏانهن‘، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن.

۱۲. شيخ اياز، (۱۹۹٦ع)، ’سانجهي سمنڊَ سِپُون‘، ڪراچي، سنڌي ادبي اڪيڊمي.







۱۳. شيخ اياز، (۱۹۹۸ع)، ’ڪٿي نہ پيجبو ٿَڪُ مسافرَ‘، ۱۷. نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.

۱۴. شيخ اياز، (۲۰۰۲ع)، ’اڪَ جون ڦلڙيون پيچ پني‘، شيخ اياز فائونڊيشن، حيدرآباد.

۱۵. شيخ اياز، (۲۰۰۸ع)، ’جي ڪاڪَ ڪڪوريا ڪاپڙي‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

۱٦. گرامي، غلام محمد، (۱۹۹۲ع)، ’مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.